بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

الحمد للہ رب العالمین والعاقبت للمتقین والصلٰوۃ والسلام علیٰ سیدالمرسلین و علیٰ آلہٖ و اصحابه و ازواجہٖ وذریاتہٖ مطهراتہٖ اجمعین.

اعوذ باللہ من الشیطٰن الرجیم بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَ الۡفَتۡحُ ۔ وَ رَاَیۡتَ النَّاسَ یَدۡخُلُوۡنَ فِیۡ دِیۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا۔ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّکَ وَ اسۡتَغۡفِرۡهُ اِنَّهٗ کَانَ تَوَّابًا۔

وقال اللہ تبارك و تعلٰی فی مقام ماخر فی القرآن المجید و الفرقان الحمید ان اللہ وملائکته‘ یصلون علی النبی یا یها الذین اٰمنو صلو علیه و سلمو تسلیما ۔

اللّٰهم صل علٰی سیدنا و مولانا محمدٍ و بارك و سلم علیه۔

الصلٰوۃ والسلام علیك یا رسول اللہ۔

الصلٰوۃ والسلام علیك یا حبیب اللہ۔

الصلٰوۃ والسلام علیك یا رحمة اللعالمین۔

الصلٰوۃ والسلام علیك یا شفیع المذنبین۔

www.pirmitha.com

حاضرين مجلس عزيز دوست . اڄ اسان ۽ توهان جي هي تقريب هي مبارڪ محفل اسان جي هي مجلس پنهنجي ڪامل مرشد مربي قطب زمان حضرت خواجه خليل الرحمٰن رحمت الله تعاليٰ عليه جي ساليانه عرس جي تقريب آهي. هن گڏجاڻي جو مقصد اهو ئي آهي ته گڏ ٿي ڪري فيض قدسي رحمت ۽ برڪت جو حصول ڪريون.

منهنجا منا هي محفل خصوصاً ديني مذهبي محفل آهي هن محفل جي اندر الله ۽ الله جي رسول صلي الله عليه و سلم جي تعريف ۽ اوليائي ڪرام جو شان ۽ اهلبيتن سڳورن جو تذڪرو ٿيندو. منهنجا منا اهڙي بابرڪت محفل اهڙي رحمت واري محفل جنهن ۾ رحمت جا ملائڪ به شامل ٿين ٿا . اها محفل اوليائي ڪرامن جي محفل جنهن ۾ اوليائي ڪرامن جا پاڪ ارواح به حاضر ٿين ٿا . اهڙي پاڪ مجلس ۾ بخت وارا ۽ سڀاڳا ئي گڏ ٿيندا آهن. ۽ هن محفل ۾ اچي ڪري پنهنجي روح کي پنهنجي قلب کي فرحت ۽ سڪون وارو ڪندا آهن .

منهنجا منا بدبختن کي برن ماڻهن کي نياڳن کي زنائن شرابن چورين ڌاڙن جون محفلون نصيب ٿينديون آهن . جتي وڃي ڪري کيل تماشا ڪري پنهنجو پاڻ کي خوار ۽ خراب ڪندا آهن . منهنجا منا الحمد لله الله جو شڪر آهي جو اسان ۽ توهان کي هن مقدس درگاه تي ڪامل ولي عالم رباني جي عرس مبارڪ ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي .

مان اميد ٿو ڪيان ته اڄ اسان ۽ توهان جيڪي فيض ۽ برڪت لاءِ سچي طلب کڻي آيا آهيون سيئي رحمت ۽ برڪت جون جهوليون ڀري ويندا سي. ڇو هيڏي برسات ۾ هيڏي مشڪلات ۾ ڪشالا ڪري پنهنجي مرشد جي درگاه تي پنهنجي مرشد جي فرمان مطابق پهتا آهيو.

منهنجا منا هن عاجز اوهان جي اڳيان جيڪا سورت مبارڪ تلاوت ڪئي آهي سورت النصر. مان ان جو ترجمو ۽ مختصر تفسير توهان جي اڳيان بيان ڪندس. عزيز دوست ان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ تسبيح ۽ تحميد جو بيان فرمايو آهي ۽ ان جو تفسير ۽ ترجمو مان ان جي ڪري ٿو ڪريان ان اميد سان ٿو ڪريان ته شال رب تبارڪ و تعاليٰ اسان کي ۽ توهان کي پنهنجي حبيب رئوف ا لرحيم صلي الله تعاليٰ عليه و عليٰ آله و سلم جي صحابي فتوحات روحاني ۽ تائيد غيبي نصيب فرمائي.

منهنجا منا ڇو ته خدائي مدد کان سواءِ دلين جا تالا کلڻ مشڪل آهن. رب تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي رهيو آهي فرمائي ٿو ته جنهن وقت جو ايندي مدد الله جي ۽ فتح. اذا جاء نصر الله و الفتح. ڏسندين تون اي نبي ماڻهن کي جو داخل ٿيندا اسلام دين ۾ تولن جا تولا فوجن جون فوجون. پوءِ تسبيح بيان ڪر پنهنجي رب جي حمد سان گڏ. ۽ بخشش گهر ان کان بيشڪ اهو بخشڻ وارو آهي.

منهنجا منا عزيز دوست هي سورت مبارڪ مديني مبارڪ ۾ نبي ڪريم رئوف الرحيم صلي الله تعاليٰ عليه وعلي آله و سلم جن جي وفات کان اسي ڏينهن اول نازل ٿي. يعني ڪه نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه و سلم هن دنيا کان وڃڻ وارا هيا اڃان اسي ڏينهن باقي هيا ته هي سورت سڳوري نازل ٿي.

عزيز دوست الله تبارڪ و تعاليٰ هن سورت منجه ظاهري طرح مدد ۽ فتح جي مبارڪ ڏني آهي. پر ان سان گڏ وگڏ حضور عليه الصلوٰت و السلام کي آخرت جي سفر جي تياري جو به اشارو هيو. منهنجا منا هن سورت ۾ فتح ۽ مدد جي مبارڪ ته هئي.ان سان گڏ و گڏ نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم کي آخرت جي سفرجو به اشارو مليو. ان اشاري کي وڏن رازدانن کان سواءِ جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم جا همسفر هيا يار هيا انهن کان سواءِ انهن رازن کي ٻيو ڪير جاڻي نه پيو سگهي.

منهنجا منا جيڪڏهين اها سورت مبارڪ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جيڪو هن نقشبندي سلسلي جو اڳواڻ آهي امام آهي. جڏهن هنن ٻڌي ته پاڻ روئي ڏنائون سڄو ڏينهن رنا. جڏهين اصحابن پڇيو ته هن سورت مبارڪ ۾ ته الله تبارڪ و تعاليٰ نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم کي مدد ۽ فتح ۽ ماڻهن کي اسلام ۾ شامل ٿيڻ جي مبارڪ ڏني آهي. ان تي اهو ڀوڙهو ڇو پيو روئي. آخر تفتيش تي اصحابن سڳورن حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه کان پڇيو.

www.pirmitha.com

آخر توهان چو روئي رهيا آهيو. ته حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو هنظاهري مدد ۽ فتح سان گڏ نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم(جنڪي) آخرت جي طرف سفر جو به اشارو ملي ٿو. ته نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم هن دنيا ڪان وڃڻ وارا آهن.

پوء اها ڳاله نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم جن تائين پهتي. پاڻ جڏهن ٻڌائون ان ڳاله جي تصديق ڪيائون ته صديق اڪبر منهنجو رازدان آهي ۽ ان راز کي ڄاڻي ٿو. جڏهن اها خبر اصحابن جي ڪنن تي پهتي ته اصحاب سڀ‌ڳورا روئي ڏنائون ۽ روئڻ وارا ٿي ويا.

منهنجامنانبي ڪريم صلي الله عليه و سلم اصحابن کي خوش خبري ڏنائون ته توهان کي مبارڪ هجي ته توهان خوش قسمت امتي آهيو جو توهان جو پيغمبر توهان ڪان راضي ٿيو توهان جي رب ڏي وڃي ٿو. ڇو ان لاء جو اڳتي وڃي ڪري پنهنجي امت لاء بندوبست ڪري.

عزيز دوست نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم هن دنيا تي آيا فتحون نصيب ٿيون. اسلام جو ڪم ٿي ويو دين جو ڪم ٿي ويو. ڏينهو ڏينهن دين ۾ ماڻهون شامل ٿيندا ويا. عزيز دوست نبي ڪريم صلي الله عليه و سلم جن فرمايو ته توهان جو نبي توهان ڪان راضي ٿيو رب جي طرف وڃي رهيو آهي. ته توهان جي لاء اڳتي وڃي بندوبست ڪندو.

مگر بدقسمت اها امت آ جو ان جي امت پنهنجي نبي جي اڳيان تباه ٿي وئي ۽ برباد ٿي وئي. ۽ نبي پنهنجي امت جي لاء افسوس ڪندا رهيا. جهڙو حضرت صالح عليه السلام ۽ حضرت هود عليه السلام پنهنجي امت جي لاء افسوس ڪندا رهيا. ۽ انهن کي ڏسندارهيا ته انهن جي تباهي ڪيئن ٿي ٿئي.

www.pirmitha.com

عزيز دوست منهنجا منا نصر ڪان مراد آهي الله جي مدد. مدد ان کي چئبو آهي ته ڪو مقصد حاصل ٿئي. عزيز دوست نصر ڪان مراد آهي الله جي مدد. مدد ان کي چئبو آهي جو مقصد حاصل ٿيڻ جا اسباب ۽ وسائل ملي وڃن. ۽ فتح انکي چئبو آهي جو مقصد حاصل ٿي وڃي. عزيز دوست ان آيت مبارڪ ۾ رب تبارڪ و تعليٰ ٻڌايو ته اي نبي مون تنهنجي مدد ڪئي. جو توکي اهڙا جان نثار يار اصحاب ڏنم جو پنهنجو سر پنهنجو مال پنهنجي ملڪيت پنهنجي هر چيز تنهنجي مٿان قربان ڪري ڇڏيائون. ۽ تنهنجي مٿان فتح پڌري ٿي وئي ۽ توکي فتح نصيب ڪيم. جهڙو فتح خيبر ٿي مڪي جي فتح طائف جي فتح تبوڪ جي فتح. مطلب ته هر لڙائي تي هر جنگ تي فتح ئي فتح نصيب ڪيم.

۽ فتوحات روحاني به اهڙي عطا ڪيم جو توهان معراج واري رات لامڪان جا سير ڪيا. ۽ اهڙو قرب حاصل ڪري ورتو. جو نه اڳ ڪنهن کي اهڙو قرب حاصل ٿيو آ نه وري اهڙو قرب ٻئي کي حاصل ٿيندو.

عزيز دوست ان فتوحات ڪان بعد اي نبي توهان هاڻي پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو ته

ساٺهون فوجن جون فوجون ٽولن جا ٽولا لشڪرن جا لشڪر اسلام ۾ داخل ٿي رهيا آهن. هاڻي توهان جي رسالت جو مقصد پورو ٿي ويو. هاڻي توهان هن فاني جهان کان لاڏاڻو ڪري اصلي مڪان جي طرف هلو. ۽ اتي هلي رهو هاڻي توهان آخري دور ۾ پنهنجي رب جي تسبيح ڪيو. ۽ پنهنجي امت جي لاءِ بخشش جي طلب ڪيو. ڇو اهو رب وڏو بخشڻ وارو آهي بخشڻ هار آهي.

عزيز دوست بخاري شريف جي اندر حديث آهي ته هن آيات جي نزول بعد پاڻ ڪريم صلي الله عليه و سلم سجدي جي اندر چوندا رهيا سبحانڪ اللهم ربنا و بحمدڪ اللهم غفرلي حقيقت ۾ هر انسان لاءِ سبق آهي ته جڏهن پنهنجي جائز مقصدن جا دروازا کلي وڃن فتوحات روحاني فتوحات قلبي حاصل ٿئي ته پوءِ شڪراني جي طور تي سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم استغفرالله جو ورد ڪري گهڻو ورد ڪري ته اجان به وڌيڪ فتوحات حاصل ٿينديون.

عزيز دوست هر انسان جي اندر بهيمي حيواني قوتن ۽ نفساني شيطاني طاقتن جي جنگ ۾ رذل مشغول آهي. مگر جنهن سعادت مند کي غيبي مدد حاصل آهي غيبي فتح حاصل آهي ته ان کي فتح به ازلي نصيب ٿيندي آهي. عزيز دوست اهوئي نفس ۽ شيطان تي فتح حاصل ڪندو آهي. ته اهڙي سعيد ۽ نيڪو ڪار کي رب صلاح ٿو ڏئي اهو مشورو ٿو ڏئي ته فتح ۽ مدد ڏسي عجب نه ڪر بلڪه حمد ڪر تسبيح ڪر رب تبارڪ و تعالٰي جي اڳيان عجز انڪساري ڪر ته رب تبارڪ و تعالٰي تنهنجي مٿئون راضي ٿي پوندو.

منهنجا مٺا جيتوڻيڪ انبيائي ڪرام الله جا نبي گناهن کان پاڪ هوندا آهن. ۽ اولياء الله جيڪي گناهن کان محفوظ هوندا آهن. مگر پوءِ به عاجزي ۽ انڪساري جي طور استغفار تسبيح ۽ تمحيد ڪندا رهندا آهن. ڇو جو انهن جا درجا بلند ٿيندا رهندا آهن.

منهنجا مٺا منهنجا پيارا اسان جا مرشد ڪريم اسان جا مرشد ڪامل هن دنيا مان تڏهن موڪلائي ويا جڏهن ساري ملڪ ۾ ڪئي فوجن جون فوجون جمائتن جون جمائتون هن طريقي جي اندر داخل ٿي ويون. ظاهري ۽ باطني فتوحات جا دروازا کلي ويا. منهنجا مٺا اڄ به هن درگاه جي رونق ۽ بهاري ۽ تازگي برقرار آهي. اڄ به هن درگاه جي بهبودي برقرار آهي. غفاري جمائت جو دور دراز ملڪن ۾ پکڙجي وڃڻ ان ڳاله جو ثبوت آ ته هن جمائت کي ڏينهون ڏينهن فتح حاصل ٿي رهي آهي ۽ ٿيندي رهندي. ۽ انشاء الله پير مٺي سائين جي فرمان جي مطابق ان جي پيشن گوئن جي مطابق هي درگاه قيامت تائين آباد رهندي ۽ قيامت تائين رحمت ۽ برڪات سان آباد ۽ شاد رهندي.

منهنجا مٺا اڄو اڄ دعا گهرون ته اسانکي ۽ توهان کي خصوصاً هن درگاه کي خصوصاً هن درگاه جي خير گهري جي ڪندڙن کي رب پاڪ دين ۽ دنيا جون ڀلايون عطا فرمائي. ۽ پنهنجي مدد ۽ فتح سان دلين جون جائز اميدون پوريون ڪرڻ فرمائي.

منهنجا مٺا ڇو ته اها درگاه جامع درگاه آهي ڪامل درگاه آهي. منهنجا مٺا اسان جا

www.pirmitha.com

مرشد ڪامل آهن. هتي اسان جي ديني اصلاح به ٿئي ٿي ته دنوي اصلاح به ٿئي ٿي. منهنجا مٺا مرشد ڪريم دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ شريعت جي مٿئون عمل ڪرڻ. پورو نظام هن مرشد ڪريم پير مٺا سائين اسان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. ۽ ان سان گڏ و گڏ پير مٺا سائين اسان کي روحاني فيض به عطا ڪري ڇڏيو آهي. منهنجا مٺا دعا گهرون ته الله تبارڪ و تعالىٰ اسان جون جيڪي نيڪ اميدون آهن جيڪي اسان جاجائز مقصد آهن دلين جون جيڪي جائز اميدون آهن انهن کي پورو ڪرڻ فرمائي. ۽ اسان کي دين جي مٿئون شريعت جي مٿئون استقامت عطا فرمائي. ته جيئن اسان شريعت ڪامل جي مٿئون عمل ڪيون طريقت جي مٿئون عمل ڪيون. الله تبارڪ و تعالىٰ اسان کي ان نورمان ان فيض مان جيڪواج هن دربارتي هلي رهيو آهي پر نور ڪرڻ فرمائي.

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

www.pirmitha.com